غلام فاطمه ٻير
ڊاڪٽر سحر امداد حسيني

# مائي غلام فاطمه ’لال‘

**Abstract:**

*While passing through the discourse of the time, we come across few female poets in British period. Among those few one prominent poetess was Ghulam Fatima Lal. She was a well-known lady of her time and was considered a saint. Lal was born in 1860 A.D at a small village named "Katta" (District 'Panoaqil'). She was the daughter of a poor shoemaker named Lal Faqir, a mochi by cast. She was beautiful, married to a man named Hamid Faqeer and became widowed at a very young age. She lived with her son named Gulfaqeer after the death of her husband. She spent her whole life in misery and pain.*

*In memory of her husband and while grieving his death, she started singing songs of solitude and poured her grief and pain in her poetry. She used her virgin name "Lal" in her poetry, which she owed from her father. Her poetry was full of grief and pain. She decorated her Kafi's (a famous form of Sindhi poetry, which is purely related to music and is a lyrical form of poetry) with enormous pain, and lamented her husband's death. She sang dardeli kafis, of her loneliness after her husband. She wrote many poems for her murshid, Noor Muhammad Larik, of whom she was a disciple". She also wrote poetry in memory of her preceptor. She departed from this world in 1925 A.D.*

**مائي** غلام فاطمه ’لال‘/ مائي فاطمه ’لال‘ سنڌ جي صوفي شاعره ٿي گذري آهي. مائي غلام فاطمه ’لال‘ پني عاقل تعلقي جي مشهور قديم شهر سانگيءَ کان ڏکڻ طرف دبر روڊ تي واقع ڳوٺ ’ڪٽا‘ جي رهندڙ هئي. سندس جنم به ان ئي ڳوٺ ۾ اٽڪل 1860ع ڌاري ٿيو. سندس والد جو نالو ’لال فقير‘ هو ۽ ذات جو موچي هو. مائي فاطمه ’لال‘ جي مڙس جو نالو ’حامد فقير‘ هو. جنهن مان مائي فاطمه لال کي هڪ پٽ ’گل فقير‘ جي نالي سان ٿيو هو. پاڻ نهايت حسين عورت هئي ۽ جوانيءَ ۾ ئي بيوه ٿي ويئي هئي. مڙس جي وڇوڙي ڪيس گهڻو ڏک ڏنو هو، جو هوءَ سوز و گداز سان





ڳائيندي به هئي ۽ شاعري به ڪندي هئي. شاعريءَ ۾ تخلص ’لال‘ استعمال ڪندي هئي، جيڪو سندس والد جو نالو هو. سندس وفات اندازي موجب 1920ع يا 1922ع ڌاري رمضان شريف جي 11 تاريخ تي ٿي هئي.

سنڌ جي مشهور محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لوڪ ادب جي سلسلي جي ڪتاب ’ڪافيون جلد2‘ ۾، مائي غلام فاطمه جي نالي سان ڇهه ڪافيون ڏنيون آهن، شاعره جي باري ۾ لکيو اٿس ته:

”مائي فاطمه ڌيءَ لال موچي، پنهنجا ڪلام ۽ بيت جوڙيائين. 1960ع ۾ پنجويهه سال اڳ ست ورهين جي چمار ۾ گذاريائين.“(1)

ٻوليءَ ۽ اظهار جي حوالي سان مائي غلام فاطمه سنڌ جي سرتاج شاهه لطيف جي ڪلام کان تمام گهڻو متاثر نظر اچي ٿي. پنهنجي دؤر جي هيءَ اڪيلي شاعره، شاهه لطيف جي ڪلاسيڪي شعري سلسلي جي وارث آهي ۽ هن پنهنجي شاعريءَ جو بنياد شاهه لطيف جي تمثيلي رنگ ۽ ڍنگ کي بڻايو آهي.

ناليري اديب اختر درگاهيءَ لکيو آهي ته، ڪافين جي وائيءَ جهڙي گهاڙيٽي کان وٺي، شاهه لطيف جيان سسئيءَ ۽ سهڻيءَ جي تمثيلي روپ ۾ مائي غلام فاطمه جون ٻه ڪافيون ملن ٿيون:

1. ”ويندس يار مري، تنهنجي درد فراق ۾“
2. ”لائي ته نماڻيءَ سان نينهن دوست ايئن نه منهن متجي“

”عوام توڙي ميڊيا تي شاهه لطيف جي ڪلام طور ڳايون وڃن ٿيون، جڏهن ته اتر سنڌ ۾ اهي ٻئي ڪافيون ٿوريءَ ڦير گهير سان مائي، غلام فاطمه لال جي ڪافين طور مشهور آهن ۽ مون پاڻ پنهنجيءَ ڏاڏيءَ بيگم فقيرياڻيءَ کان ٻڌيون آهن.“(2)

ڪافيون ڪتاب ۾ ٻيءَ جاءِ تي، ’لال‘ شاعر جي نالي سان ٽي ڪافيون ڏنل آهن ۽ شاعر جي باري ۾ ڪو به احوال لکيل نه آهي. تجزيي ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته اُهي ڪافيون به غلام فاطمه ’لال‘ جون ئي چيل آهن. جنهن جو ذڪر اختر درگاهيءَ هن ريت ڪيو آهي:

”ڊاڪٽر بلوچ صاحب ساڳئي ئي ڪتاب ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ مائي غلام فاطمه



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جون ٽي بيون ڪافيون بہ ڏنيون آهن، پر بلوچ صاحب اهي ڪافيون 'لال' نالي ڪنهن مرد شاعر ڏانهن منسوب ڪيون آهن، ۽ ان شاعر جو ڪو خاص احوال بہ ڪو نہ ڏنو آهي."[3]

دانشور ۽ استاد سرور سيف لکي ٿو تہ: "مائي فاطمہ لال جو مرشد، نور محمد لاڙڪ صاحب هو، جيڪو ڳوٺ 'لاڙڪ وڏا'، ڪنگري ضلعي خيرپور جو رهندڙ هو. مائي فاطمہ لال پنهنجي مرشد جي شان ۾ ڪيئي ڪافيون چيون آهن. مائي فاطمہ لال جون ڪيئي ڪانيون، ڪرامتون تہ ۾ مشهور آهن. پاڻ نماڻي غمزده ۽ رند فقيرياڻي هئي. ڪيس سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره بيگم فقيرياڻيءَ (1915- 1987ع) ۾ سوز سان تمام گهڻو ڳايو آهي. مائي فاطمہ لال جي شاعريءَ جا موضوع درد، فراق، وڇوڙو ۽ وصل آهن. سندس ڪافين ۾ پيڙا ئي پيڙا آهي ۽ تصوف جا باريڪ نڪتا سمايل آهن."[4]

مائي فاطمہ جي ڪافين ۾ تصوف جو فڪر سمايل آهي. پاڻ سنڌ جي صوفي شاعرن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست کان گهڻو متاثر لڳي ٿي ۽ سندس ڪافين تي صوفي شاعرن جو اثر نمايان آهي.

(1)

روپ سسئي

درد اٿم دلبر جو، جيڪي اٿم جيءَ ۾

چوٽا چريءَ جا چاڪ چڪايو، ورهہ اٿم پنهنجي وَرَ جو

سرتيون ڪو نہ سماءُ پيو، ڏيرن جي تہ ڏمر جو

پاهڻ پير پٽون ڪيا، ڏک اٿم ڏونگر جو

'لال' چوي لکيو ائين هيو، هي انڌير امر جو

(2)

آيو ساهہ سيبايو، من محرم سو محب آيو

هُوالاول هوالآخر، واحد وچ وڃايو

"لِمَن المُلک" جو اج اسان وٽ، وارو وِرهہ وڄايو

سپ ڪنهن صورت سونهي سهڻو، سائين سپ ۾ سمايو

هم غم وهم سپيئي وَيڙا، پريم پاڻ پسايو

'لال' ڪي لائق لطفئون، پنهنجي هادي حق سمجهايو.

(3)

ساهڙ سان ساهيڙيون، منهنجي جيءَ جي جڙي روز ازل ڪان

ڪُنديي يار قريب جي، اندر منجهہ اڙي.

ٻُڏان، ٻَن پيو جندڙو، گهتجي شل نہ گهڙي.

ور ريءَ ڪيئن ويهي رهان، خيالن ڪيس ڪڙي.

لائق ايندم 'لال' چئي، لهرين پاس لڙي.[5]

مائي غلام فاطمہ 'لال' جي شاعريءَ تي تصوف جو رنگ نمايان آهي، جنهن جي ڪري ڪيس سنڌ جي پهرين صوفي شاعره تسليم ڪيو وڃي ٿو. "موڪل ڏي هلي وڃان"، سندس ڪافي چيل تہ مارئيءَ جي روپ ۾ آهي پر ان ۾ فڪر ۽ ذڪر گهڻو صوفياڻو آهي:

موڪل ڏي هلي وڃان، سومرا مان وڃان ملڪ وري.

ڪڍ بنڌياڻي بند مون، هاڻي لاهہ پُل جي پري.

ڪاڄ ڪائيندس تنهنجا ڪينڪي، توڙي وڃان ماڳ مري.

ناهيون هنڌن جا هيروان، اسين پٽون ڪرڙن هيٺ ڪري.

ڦوڳ ڦلاريا ڦر ڪن، اسان ڏي ڏؤنرا پيا تہ ڏري.

'لال' چوي پهنوارن سان، مان ڪوليان درد دري.[6]

مائي فاطمہ لال جي هن ڪافيءَ جي فن ۽ فڪر جي گهرائيءَ تي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. اختر درگاهي لکي ٿو تہ:

"مائي غلام فاطمہ جون ڪافيون هڪ اهڙيءَ عورت جي اندر جو اظهار آهن، جيڪا سخت پيڙائن مان گذري آهي. سندس شاعريءَ مان زندگيءَ جي عذاب ڏيندڙ ڪيفيتن جو چٽو عڪس نظر اچي ٿو. مائي غلام فاطمہ ان دور جي شاعره آهي، جنهن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دور ۾ شاعريءَ جو اهم موضوع، ”تصوف“ رهيو آهي.“(7)

شاعره، هن ڪافيءَ ۾ پهنوارن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو پورو خاڪو پيش ڪيو آهي، شاعره چئي ٿي ته اسان جي دسترخوان تي نه طعام هوندا آهن ۽ نه ئي سمهڻ لاءِ بسترا، اسان سادا ماڻهو، ڪائون به سادو ۽ سمهون به زمين تي.

## غلام فاطمه لال جي شاعريءَ ۾ محبت:

مائي فاطمه لال جي شاعريءَ ۾ تصوف جا باريڪ نڪتا سمايل آهن. هڪ سالڪ صوفيءَ واري واٽ سندس شاعريءَ ۾ ڏسيل آهي. مثال طور هي ڪافي آهي:

**<u>ڪافي</u>**

ڪاڻ پنهل جي جيڏيون سرتيون
هاٽي وينٽي ٿي ڪانگ اڏاريان
پار انهي ڏانهن اڇي من کو پانڌي
هاٽي تن جي وينٽي راهه نهاريان
ٻڌي سندرو سور انهيءَ مون
مان آري لئي اوساريان
مٽ محبن جي چا ڪو ٿيندو
تن کي ويهي مان ڪيئن وساريان
’لال‘ چوي ٿي پنهل پڄاڻان
مان گهڙي هٽ ڪيئن گهاريان.(8)

**<u>ڪافي</u>**

سور ڏئي نه مون کي ساڙ،
ماري چڏ ته مري وڃان،
لاهي ماس لڳن تي،





وڃي ڪاڙهي منجهه ڪاڙهه.
ماري چڏ ته مري وڃان،
’لال‘ چوي هيڪر اچي،
ڦاهي چاڙهه ڦتيل ڪي،
وڃي سوريءَ تي چاڙهه.
ماري چڏ ته مري وڃان،
قول پرين اچي پاڙهه
ماري چڏ ته مري وڃان.

مائي غلام فاطمه ’لال‘ جي شاعريءَ ۾ جتي سندس وَرَ جي وڇوڙي جو بيان آهي ۽ جوانيءَ ۾ بيوه ٿيڻ واري تڪليف هن کي صوفي سالڪن واري رستي تي وٺي ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ هن جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي حقيقي عشق جو گهرو اثر ٿيو آهي. سندس ڪافي آهي:

**<u>ڪافي</u>**

محبت منجهه مري، آئي آ عشق جي اري
انگ ته منهنجو آريءَ سان، پر لڪيو ڪين ٿري،
ڪيڏا ڪشالا ڪاف جا، پئي ڪامڻ ڪوهه ڪري،
ڪاهي ويندي ڪيچ ڏي، جيڪا ماري ذوق ذري،
دعا ڪريو ڙي جيڏيون، منهنجو وارث وَر وري،
هئ هئ خان پنهل لاءِ، منهنجي ساعت ڪو نه سري،
ڪڏهن اجهامي ڪينڪي، جيڪا اندر ٿي پڄري،
’لال‘ چوي هن عشق جي، ٿي اندر آڳ ٻري،
آئي عشق جي اري، محبت منجهه مري.

**<u>ڪافي</u>**

ويندي‌س يار مري، تنهنجي درد فراق ۾،

انئي پهر اُباڻڪي، چارئي پهر چري،
ڏور وجهي وئين ڏک جي، ڍولڻ ڪر نہ ڍري،
تنهنجي سري وئي سهڻل سائين، مُنهنجي ڪا نہ سري،
’لال‘ موچي مسڪين تان، لاهہ نہ ڀل ڀري.(9)

### تصوف:

طلب، بيتابي ۽ بي قراريءَ جي ڪيفيت سندس شاعريءَ ۾ گهڻي ملي ٿي جو پڙهڻ سان پڙهندڙ پاڻ کي اُن بي قراريءَ واري ڪيفيت ۾ محسوس ڪري ٿو. مائي غلام فاطمہ لال جي بيتن ۾ تصوف آهي سندس شاعريءَ ۾ اندر جي اڻ تڻ وارين ڪيفيتن کي مختلف ماڻهن ۽ شين سان ڀيٽ ڏيئي اظهاريو اٿس. سندس بيت ڏسون ٿا :

(1)

انئي بوند برهہ جي، اندر سائر سَرَ،
من اندر موچي چوي، چوليون ڏئي پئي هر.
اندر ٻيڙا، اندر ويڙها، اندر مهاڻا ميربحر،
اندر جهنگل ٿاٽا ٻيلا، اندر شينهن سپر،
اندر ڪعبو، اندر قبلو، اندر خوب خبر،
هاڻي پاڪ ڏٺي پرور، تون لطف ڪجان ’لال‘ سان.

(2)

ڳولج يار اندر ۾، تون اچو ڪر ارواح،
دانا تنهنجي دل ۾، درست وهي درياهہ،
ڪنهن لڌو ڪينڪي، اتڪل ساڻ الله،
جڏهن شافعي ٿيو شاهہ، تڏهن مطلب مڙني جا ٿيا.

(3)

سي مر مرڪن مهاڻيون، ٿنديون منديون ڪاڻيون، اگهاڻيون،
لس ڀريندي ’لال‘ چوي، موتين سان ماڻيون،
پر آگي اماڻيون، تن تان لٿا حق حساب جا.(10)





هنن بيتن ۾ شاعره مؤمن مسلمانن کي گلاب جي گل سان تشبيهہ ڏني آهي. شاعره چئي ٿي تہ الله اٽڪل سان نہ ملندو، پر ان لاءِ پنهنجي اندر کي اُجار ۽ جڏهن الله راضي ٿيندو تہ پوءِ توسان ڪو بہ حساب ڪتاب نہ ڪندو. محبوب پنهنجي اندر ۾ تلاش ڪر، روح گناهن ۽ ٻيائي کان پاڪ ڪري غور ڪر تہ الله توکي ملي ويندو ۽ جڏهن الله ملي ويو تہ مطلب سڀ تنهنجا توکي ملي ويا. اهو ئي تہ صوفياڻو فڪر آهي. هنن بيتن ۾ سچل سائينءَ جو اثر معلوم ٿئي ٿو. شاعره چوي ٿي تہ ’نوري‘ مهاڻيءَ تي مالڪ جي مهرباني هئي. نوريءَ جي نوڙت مالڪ کي وڻي جو مهاڻين جو مان وڌي ويو آهي ۽ اهي هاڻي موتين سان ڀيون رانديون ڪن جو مالڪ اُنهن تي مهربان آهي ۽ اُهي حساب ڪتاب کانسواءِ اگهاڻيون آهن.

### فڪري خوبيون:

مائي غلام فاطمہ لال جي ڪلام ۾ جا بجا فڪر ي خوبيون موجود آهن. مثال طور:

ڪڍ بندياڻي بند مون، هاڻي لاهج ڀُل ڀَري
ڪاڄ ڪائيندس ڪينڪي، توڙي وڃان ماڳ مري

هن ڪافيءَ ۾ شاعره مارئي جي زباني، عمر سومري سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي تہ هاڻي آزاد ڪر مون کي ۽ توکان ڀُل (غلطي) جيڪا ٿي آهي هاڻي ان جو توکي احساس ٿيڻ گهرجي تہ تو مون کي ناحق قيد ڪيو آهي. شاعره پنهنجي احساسن کي ’مارئي‘ جي زباني بيان ڪيو آهي. شاعره احساسن کي لفظن جو اهڙو سُهڻو لباس پهرائي پيش ڪيو آهي جيڪو ساراهہ جوڳو آهي. اسان کي محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ اهو سڀ ڪجهہ اسان ڏسي ۽ محسوس ڪري رهيا آهيون.

سرتيون ڳالهہ ڪريمِ ڪا، مان سان هاڙهي هلڻ جي
ڏر ڏسي ڏونگر جا، متان وري پوءِ وريمِ ڪا
مان ڀي اوريندس تہ انهن سان، جيڪا ٻاروچل لئہ مريمِ ڪا

هن ڪافيءَ ۾ شاعره سسئيءَ جي روپ ۾ سرتين کي چوي ٿي تہ مون سان هلي اُها، جيڪا جبل جا سور ۽ تڪليفون برداشت ڪري. مون سان گڏ اهڙي سرتي

هلي، جيڪا تڪليف جي ڏپ کان موٽي نه اچي ۽ آئون دل جو حال به اهڙي سرتيءَ کي ٻڌائيندي جيڪا ڏک مون سان گڏ برداشت ڪري ۽ منهنجي حال پائياٽي ٿئي. اسان گهرائيءَ سان هيٺين ڪافيءَ جو مطالعو ڪريون ٿا ته مائي غلام فاطمه لال جي سموري شاعري فراق سان ڀريل نظر اچي ٿي.

### ڪافي

لائي ته نماڻيءَ سان نينهن،
دوست ائين نه مُنهن مٽجي،
مون ڪا پاليو نا ٿئي، شوق اوهان ڪي جو شينهن
ماس هڏن تان ٿو ڪپجي،
هٿان حيدر شاهه جي، اچي پيالو پيءُ،
گهور پرينءَ ڏانهن نه گهٽجي،
لال موچي مسڪين تي، مولا وسايو آ مينهن،
وتي ته ڊولڻ وسندي ڪجي.
اڳڻ آسروندي جي، وري پلايون اچي بيهه،
’لال‘ ائين نه دل لٽجي.

هن ڪافيءَ ۾ شاعره عشق جي ڪيفيت بيان ڪئي آهي. عشق کي ڪيئن لفظن جي مالها ۾ پوئي اسان جي اڳيان دل لُڀائيندڙ احساس بيان ڪيا اٿس. مطلب ته عشق انسان کي ماري ڇڏيندو آهي. ڪاتيءَ کان سواءِ ڪُهي ڇڏيندو آهي. عشق ۾ انسان محبوب جي قيد ۾ هوندو آهي ۽ هر ڪا تڪليف برداشت محبوب جي ڪري ڪندو آهي. هن شعر ۾ ڏسون ٿا ته شاعره، محبت (شوق) کي شينهن سان تشبيهه ڏني آهي ۽ محبت کي نياڻڻ، شينهن پالڻ جي برابر آهي، شاعره تشبيهه منفرد ۽ دلچسپ ڪم آندي آهي. عشق جي ڪيفيت ۾ عاشق کي محسوس ٿيندو آهي ته منهنجو جسم/ ماس هڏن تان ڪير ودي يا لاهي رهيو آهي. ان پيڙ کي فقط هڪ شاعر ئي محسوس ڪري سگهي ٿو ۽ بيحد خوبصورتيءَ سان ڪيفيتن کي لفظن جو جامو پارائي سگهي ٿو. اهو فرض مائي غلام فاطمه لال پنهنجي جيءُ جي حضور سان ادا ڪيو آهي.





## مائي غلام فاطمه لال جي شاعريءَ ۾ تاريخي حوالا:

مائي غلام فاطمه ’لال‘ جو تعلق هڪ ڳوٺ سان هو، جنهن دؤر سان تعلق رکي ٿي، ان دؤر ۾ ڄاڻ جي حوالي سان ڪي سهولتون به ميسر ڪو نه هُيون، تنهن جي باوجود هن شاعره پنهنجي شاعريءَ ۾ تاريخي واقعن جو ذڪر ڪيو آهي مثال طور هي ڪافي ڏسون ٿا:

### ڪافي

منهنجو يار وڃي ٿو، دل لُٽيون لُٽيون،
نيڻن واري ناز سان
جيئن بلبل کي باشو پڪڙي
ريءَ ڪاتي سي ڪُٺيون ڪُٺيون
برهه واري باز سان
جيئن چارَ ڳنڍيون تي ڏنائون،
سي چوڙيان پر نه ڇُٽيون ڇُٽيون،
ڄڻ محمود ٻڌيون هيون اياز سان
’لال‘ چوي ٿي عشق وارن تي
بُوندان برهه جون وُٺيون وُٺيون
راڻل واري راز سان.(11)

هن ڪافيءَ ۾ شاعره، حقيقي عشق کي بيان ڪيو آهي، ٻئي بند ۾ شاعره جيڪو چيو آهي، ’ڄڻ محمود ٻڌيون اياز سان‘ ان ۾ ’محمود‘ جو ذڪر آهي ته، محمود نالي بادشاهه جو هڪ پيارو غلام ’اياز‘ هو، جيڪو هو ته بادشاهه جو غلام، پر بادشاهه کي تمام گهڻو پيارو هو ۽ بادشاهه ان تي مهربان تمام گهڻو هو. هتي شاعره به حقيقي عشق جي ڳالهه ڪئي آهي ته منهنجو مرشد مون تي مهربان آهي ۽ مون سان، هن اهڙو ئي ناتو رکيو اٿس، جيئن محمود بادشاهه اياز غلام سان رکيو هو. شاعره جي هيءَ ڪافي ڏسون ٿا:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ڪافي

نڪري ٿيا نروار، عشق عقل ٻئي چوغان ۾.
جڏهن جنگ لڳي ڏينهن خيبرجي، ڪٺيائون ڪل ڪفار،
عرب عجم ۽ ايران ۾.
جنگ لڳي ته جُلهه ٿي، اٿيا سرواهين جا سٽڪار،
اُتي مرد ڪڙا هئا ميدان ۾.
اتي ڏرتي سِرَ ته ڏڪاءَ ٿيو، پڳو سڀ بلخ بخار،
خبر رسي خراسان ۾.
جڏهن حڪم ٿيو حضرت شاهه جو، چئين قبلين چوڌار،
مَلڪَ خلق ٿيا فرمان ۾.
جڏهن عشق پڇايو عقل کي، جنگ ته ڪٿي ويا جهونجهار،
’لال‘ چوي لامڪان ۾.(12)

هن ڪافيءَ ۾ شاعره، عقل کي ’هارايل‘ ۽ عشق کي ’ڪٽيل‘ چيو آهي. حضرت علي عليہ السلام خيبر واري جنگ عشق جي جذبي هيٺ ڪئي هُئي، حضرت عليؓ جو عشق الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول حضرت محمدﷺ جن سان هو. شاعره جي تاريخ تي تمام گهري نظر هُئي، جنهن جو اندازو سندس انهن ڪافين مان لڳائي سگهجي ٿو. بلخ ۽ بخارا ۽ خراسان شهر جو ذڪر ڪيو اٿس، جيڪي شهر ڪنهن وقت ۾ صوفين جا مرڪز ۽ ڳڙهه هئا. مطلب ته شاعره صوفين جي باري ۾ تاريخي ڄاڻ رکندي هئي.

## ڪافي

اولانيو عشق جو آتش، جيئن باران ۾ بجلي.

موسيٰ ڪوهه طور تي حاضر، ڏسي تجلو چڙيئه تڪبر،
قم باالاذن الله چئي اڪبر، سارو جبل وجي ٿو جلي.
انهيءَ هنڌ جاءِ تي ويا ٿي، ڀُڪي وجي عشق جي پياسي،
علي حيدر چيو سي، آيو چوگان ۾ چلي.





پاتي سي يار لئه جهاتي، ڪيوسي عشق اثباتي،
لاتي سين لاالله سندس ڪاتي، اسين عاشق آهيون ازلي.

چڙي دنيا ٿيندين در حق، چوي ٿي ’لال‘ موچي لاشڪ
آهي الله جو عاشق، سدا نروار سوز ۾ اصلي.(14)

شاعره، صوفي حسين بن منصور حلاج جو به ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. ماڻهن جي ليکي ته منصور مري ويو، پر اصل ۾ ته منصور عاشقن کي، عشق جي رمز (راز) سمجهائي ويو:

## ڪافي

ڳولي ڏسجانءِ ڳالهه انهيءَ کي، ساڳيو آهين سو،
ڪا ته انهيءَ تي ڪاهي، ڪامل ويڙمِ ڪو،
سوريءَ تي منصور چڙهايئه، ملن ليکي مئو
’لال‘ چوي ٿو عشق وارن کي، رمز انهي ۾ رهيو.

مائي غلام فاطمه ’لال‘ جي شاعري اسان کي ڪٿي فاطمه ’لال‘ ۽ ڪٿي ’لال‘ جي نالي سان ملي آهي، تجزيي ڪرڻ ڪانپوءِ اسان چئون ٿا ته اِها شاعري غلام فاطمه ’لال‘ موچياڻيءَ جي آهي. اسان کي مائي غلام فاطمه ’لال‘ جي جيڪا شاعري هٿ اچي سگهي آهي، سا سڀ هن مقالي ۾ شامل ڪئي ويئي آهي..

## ڪافي

ڪاڻ پنهل جي، جيڏيون سرتيون،
هاٽي ويني ٿي ڪانگ اڏاريان.
پار انهيءَ ڏانهن اچي من پانڌي،
هائي تن جي ٿي ويني راهه نهاريان!
ٻڌي سندرو سور انهيءَ مون،
مان آري لئي اوساريان!
مٿ محبن جو، ڇا ڪو ٿيندو،
تن کي ويهي مان ڪيئن وساريان.
’لال‘ چوي ٿو، پنهل پڇاڻان،
مان گهڙي هت ڪيئن گهاريان.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## کافي

درد لڳو آ دلبر جو، جيڪي آهي منهنجي جيءَ ۾.
سرتيون ڪو نہ سماءُ پيو، ڏيرن جي تہ ڏمرجو.
چئو ڪين چريءَ کي، ورهہ اٿم پنهنجي وَر جو.
جبل مُئي سان جاڙ ڪيو، ڏک اٿم ڏونگر جو.
”لال“ چوي تہ لکيو ائين، اهڙو انڌيرو امر جو.

## کافي

ڏس هيٺيءَ جو حال، پنهل نجانءِ پاڻ سان،
ساهہ توتان صدقي ڪيان، مايا مڏيون سپ مال، پنهل نجانءِ،
وٺيو وڃ نماڻي سان، ڪري پلايون پال، پنهل نجانءِ،
موچياڻيءَ سان مهر ڪي، لاشڪ پرتس لال، پنهل....

## کافي

رهنديس ڪين منجهہ پنيور، پنهل پڄاڻان جيڏيون.
نڌر چڙي ويا ننڌ ۾، ڪا نہ ڪيائون تڪ توڙ.
ور وٺي ويا وٽڪار ڏي، ڏئي چانگن کي چور.
هزارين هوتن جا، اٿم هينئڙي ۾ حور.
ڪنهن سان ڪنديس ڳالهڙيون، ري عيبن اور.
لطف ڪجانءِ 'لال' سان، مديني جا مور.

## کافي

ڪير ڪشالا ڪري، تنهنجي محبت وڌو آ مامري.
پنهل پاڻ نہ ويٺو، جتن زوري ڪري.
پنهل بنا پرديس تي، ساعت ڪانہ سري.
'لال' چوي عشق وارن ڪان، مرشد ناهي پري.





## کافي

لال قلندر لال، سدا وسين سنڌ ۾،
سنڌ جا گهوٽ، ولهين جا وارث،
سوال ڪيان سردار.
ٻيٽو ڏي ڪڇ ۾.

## کافي

ڏاڍو برهہ آهي بي پرواهہ
وجهي ٿو ونگ واسينگن کي. (13)

## مائي غلام فاطمہ لال جي ٻولي:

غلام فاطمہ لال جي ٻولي سادي ڳوٺاڻي ٻولي آهي. جيئن 'مسجدن' لاءِ ٺيٺ سنڌي لفظ 'مسيتون' استعمال ڪيو اٿس، غلام فاطمہ لال جي شاعري تاريخي حوالن سان ۽ فڪري خوبين سان ڀريل آهي. شاعريءَ جي فن سان بہ شاعره سٺو نباهيو آهي. تجنيس حرفي سندس شاعريءَ ۾ ملي ٿي. ردم رواني ۽ موسيقيت هن جي شاعريءَ ۾ موجود آهي. پنهنجي ڳوٺ 'ڪٽا' جي ماڻهن سان گهڻو پيار اٿس، جو اُنهن لاءِ دعائيہ شاعري ڪئي اٿس.

مائي غلام فاطمہ لال جي شاعريءَ جو گهاڙيٽو سچل سرمست جي ڪافين ۽ ٻٽائيءَ جي واين جهڙو آهي. سندس شاعري ڪافين سان گڏو گڏ واين تي بہ مشتمل آهي تہ ساڳئي وقت هن بيت پڻ چيا آهن.

شاعره جو تعلق سنڌ جي اُترئين علائقي سان آهي، تنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو اُترادي لهجو نظر اچي ٿو.

منهنجو يار وجي ٿو دل لُٽيون لُٽيون
نيڻن واري ناز سان
جيئن بُلبل کي باشو پڪڙي
ريءَ ڪاتي سي ڪُٺيون ڪُٺيون
برهہ واري باز سان.

هن ڪافيءَ مان هيٺيون ڳالهيون سمجهه ۾ اچن ٿيون. 'لُٽيون لُٽيون' ۽ 'ڪُٺيون ڪُٺيون' ٻئا لفظ آهن جيڪي قافيي طور شاعره استعمال ڪيا آهن، جنهن مان سنڌس شاعريءَ سان لڳاءُ جو پتو پوي ٿو. 'لُٽيون لُٽيون' ۽ 'بوندان' وارا لفظ اُترادي لهجي کي ظاهر ڪن ٿا، معياري يا وچولي واري ٻوليءَ ۾ 'فعل' کي 'جمع' ڪرڻ لاءِ 'اون' فعل جي پڇاڙي ملائي ويجي ٿي، جڏهن ته اُتر جي ٻولي ۾ سرائڪي وانگي 'آن' جو آواز ملايو ويجي ٿو. اهڙي طرح اسم 'بوند' مان جمع 'بوندان' جڏهن ته وچولي واري ٻوليءَ ۾ اهو لفظ جمع جي صورت ۾ 'بوندون' لکيو ۽ پڙهيو ويجي ٿو.

مٿئين ڪافيءَ ۾ لفظ 'لُٽيون لُٽيون' لکيل آهي جيڪو پڻ اُترادي لهجي کي ظاهر ڪري ٿو، جڏهن ته لاڙي يا وچولي جي ٻوليءَ ۾ اُن کي 'لُٽيو لُٽيو' پڙهيو ويجي ٿو، اهڙا ٻيا لفظ يا فعل پُڻ سنڌس شاعريءَ ۾ موجود آهن.

**<u>ڪافي</u>**

ڪنديں معاف حضرت لهندو قرض ڪٽن جو،
سرايون سيئين جون، مسيتيون جي ٿينديون،
ڪيو دور دل سان، پاٽي پريو مٽن جو........
واٽيا جي ويچارا، جن جون مهل ۾ مدتان
سون جا سڳڙا، ڏنئہ پئي ڏٽن جو........
"لال" موچي کي الله وڏايو، ڏئي ٿو نالي رب جي،
ناهي ڪم ڪچن جو، لهندو قرض ڪٽن جو. (15)

يا

**<u>ڪافي</u>**

سر عاشق دا قرباني، تنهن محبت تان لک وارا،
ڪاهيون عاشق اچن پيا اڏيءَ تي، مڙيا ڪين متارا.
سر ڏئي سردار جي ٿيڙا، ڪنا قرب وارا.
هر دم خيال اوهان جو اسان کي، پل پل يار پيارا.
اڱڻ اچڻ جي ڪيو امدادي، وڃن درد مونجهارا.
ناتو نينهن نڀائين نيهدي، تنهن جي صحبت ساڻ سچارا.





لکين عاشق رهن پياسي، تنهن کي ڏسڻ لاءِ ويچارا.
لال چوي ٿي، برهه بٽايا، اچي عشق اوتارا،
ظاهر باطن يار اوهان جا، ڏٺم کي نور نظارا.

هنن سِٽن ۾ 'ڪاهيو' (ماضي معطوفي) جي جاءِ تي 'ڪاهيون' ڪم آندو ويو آهي ۽ 'مدتون' (اسم) جي جڳهه تي 'مدتان' لفظ چيل آهي، جيڪو اُترادي لهجي کي ظاهر ڪري ٿو. معياري ٻوليءَ يا اُن لهجي ۾ ماضي معطوفيءَ طور استعمال ٿيندڙ 'مان' ۽ 'کان' جي لفظن کي اُترادي ٻوليءَ ۾ پڙهبو ته اُنهن مان 'الف' خارج ٿي ويندو ۽ اُن جڳهه تي 'و' جڳهه والاريندو آهي. مثال طور 'مان' ۽ 'کان' وارا لفظ 'مون' ۽ ڪون، جي صورت اختيار ڪندا آهن. مان بجاءِ 'مون' لفظ جو استعمال سنڌس ڪجهه شعرن ۾ هيئين طرح پڙهي سگهجي ٿو.

ڪَڍ بندياٽي 'بندمون' هاٽي لاهج پُل جي پريَ

يا

ٻڌي سندرو سور انهيءَ 'مون'
مان آري لئي اوسارِيان.

**<u>ڪافي</u>**

اکڙين سان ڏسنديس، پرين پسنديس، اوڏانهن وينديس،
جتي منهنجو ڪانڌ ڪوهيارو، محبت وارو.

جيڏيون شهر پنيور ڪان پينر منهنجي بس،
دل آهي بيوس ڪنهن کي مان چونديس،
نيٺ وڃي لهنديس، پنهل خان پيارو، قربن وارو.

قاصد لڳ ڪريم جي، نياپو هي وڃي ڏجانءِ،
چڱيان چئجانءِ، وهلو وڃجانءِ، پيرين پئجانءِ،
جتي هجي منهنجي جيءَ جو جيارو،

اوڪا پنڌ آهن پهاڙ جا، ٻاري ٻجهن ٿا ٻر،
ڏونگر جا ڏر، وندر جا وَر، لَهندو خبر،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اتي ملندو محب مٽيارو.

’لال‘ چوي لطف سان ڪيو، ڪافور نظر سچا سرور،
تنهنجي آڌار، ڏينهن محشر،
ڏسان نور نظارو، مرسل موچارو.

مٿين ڪافيءَ ۾ ’چڱيان‘، ’چٽجانءِ‘، ’وهلور وڃجانءِ‘، ’پيرين پئجانءِ‘ واري مصرع واري گهاڙيٽي مان خبر پوي ٿي ته: هن مصرع ۾ اندروني قافيا موجود آهن، جيڪي موسيقيءَ جو آواز پيدا ڪن ٿا. تجنيس حرفي، جملن ڪي وڏيڪ معنيٰ خيز ۽ ٺهڪندڙ بڻائي ٿي. ان سان شاعره جي ٻوليءَ تي گرفت جي خبر پوي ٿي. ٻوليءَ تي گرفت جو هڪ مثال سندس هيٺين شعر مان وڌيڪ چٽو ٿئي ٿو.

”سي مَر مُرڪن مهاڻيون، ٽُنڊيون، منڊيون، ڪاڻيون، اگهاڙيون.“

جيئن ته ٻوليءَ جي ماهرن کي خبر آهي ته، جيڪو ٻنگن کان معذور هوندو آهي، ان کي منڊو، جيڪو هٿن کان معذور هوندو آهي اُن کي ٽُنڊو ۽ جيڪو هڪ اک کان معذور هجي اُن کي ڪاڻو چيو ويندو آهي. غلام فاطمه لال انهن لفظن کي پاڻ عورتن لاءِ مؤنث صيغي ۾ استعمال ڪري چوي ٿي ته: ”سي پَل مَرڪن، جيڪي پنهنجن عيبن ۽ ڪمزورين جي باوجود سرخرو ٿيون.“ انهن عيبن کي اظهاريندڙ لفظن کي هڪڙيءَ سِٽ ۾ سمائڻ ۽ ان کي اعليٰ معنويت عطا ڪرڻ ڪنهن ايري سيري شاعر جو ڪم نه آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته، ڪيس ٻولي ۽ ان جي معنويت تي عبور حاصل هو. بلڪ هوءَ لفظن جي آهنگ کي پرپور موسيقيت سان استعمال ڪرڻ جو هنر پڻ ڄاڻي ٿي.

## حوالا


١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (١٩٨٧)، ’قافيون‘، (جلد ڇهون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ، ص: ١٠٠٣.

٢. درگاهي، اختر(١٩٩٦ع)، ’مائي غلام فاطمه لال‘ مهراڻ-٤، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ، ص: ١٩٢.

٣. ايضاً، ص: ١٩٠.







٤. سيف، سرور (٢٠٠٨ع)، ’مائي فاطمه لال (سنڌ جي پهرين صوفي شاعره)‘، مهراڻ نمبر ١ ۽ ٢، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ، ص: ١٨٣.

٥. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (١٩٨٧)، ’قافيون‘، (جلد ڇهون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ، ص: ٧٠٨، ٧٠٩.

٦. ساڳيو، ص: ١٠٠٤.

٧. درگاهي، اختر(١٩٩٦ع)، ’مائي غلام فاطمه لال‘ مهراڻ-٤، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ، ص: ١٩١.

٨. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر(١٩٨٧ع)، ’قافيون‘ (جلد ڇهون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ، ص: ١٠٠٣.

٩. سيف، سرور (٢٠٠٨ع)، ’مائي فاطمه لال (سنڌ جي پهرين صوفي شاعره)‘، مهراڻ نمبر ١ ۽ ٢، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ، ص: ١٨٦، ١٨٧.

١٠. ساڳيو، ص: ١٨٧.

١١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر(١٩٨٧ع)، ’قافيون‘ (جلد ڇهون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ،ص: ١٠٠٥.

١٢. ساڳيو، ص: ١٠٠٣.

١٣. سيف، سرور(٢٠٠٨ع)، ’مائي فاطمه لال (سنڌ جي پهرين صوفي شاعره)‘، مهراڻ نمبر ١ ۽ ٢، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ، ص: ١٨٥ کان ١٨٨.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair